اسحاق سميجو

# شاعريءَ بابت ڏند ڪٿائون ۽ تصور

## MYTHS AND CONCEPTIONS ABOUT THE POETRY

**Ishaq Samejo**
Assistant Professor, University of Sindh, Jamshoro

**ABSTRACT**

This paper has been written to trace out the significance of poetry through the myths and conceptions of the poetry. Myths are the basic source of knowledge to understand the significance of poetry with relation to religion and pre-historical life of mankind. If we look at the history we can find that the poetry and the religion are tie–up in a dual relation; they have served each other and have remained critics to each other. This study especially focuses on this dual relation of the poetry and religion in order to determine particular significance of the poetry.

شاعريءَ کي ڪڏهن ديوين ۽ ديوتائن جي دين سمجهيو ويو آهي، ته ڪڏهن مافوق الفطرت قوتن جي خاص مهرباني، ڪڏهن ان کي ”خدا جو آواز“ قرار ڏنو ويو آهي، ته ڪڏهن پيغمبريءَ جو جز، ڪڏهن جنن ۽ پوتن سان سنگت جو نتيجو سمجهي وئي آهي، ته ڪڏهن وحي ۽ الهام، ڪڏهن جادوگري پانئي وئي ته ڪڏهن لفظن جي حرفت بازي ۽ ”اخلاق بگاڙيندڙ“ سرگرمي. ڪڏهن مذهب ان کي سڀ کان گهري دوست جو درجو ڏنو ته ڪڏهن پنهنجو سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ دشمن تصور ڪيو. بهرحال وقت جي گذرڻ، تهذيب ۽ تمدن جي ارتقا، علم، ادراڪ ۽ فهم ۾ اضافي ۽ وسعت سان شاعريءَ متعلق انساني سوچ ويچار ۾ به وڏيڪ استدلالي ۽ عقلي رويو اختيار ڪيو ويندو رهيو. البته شروع شروع ۾ هيءُ تخليقي فن ڪنهن ڏند ڪٿا ۽ غيبي صلاحيت کان گهٽ تصور نه ڪيو ويندو هو. ايئن ئي ديوين ديوتائن ۽ مافوق الفطرت قوتن جي مهر ۽ ڪرم کان سواءِ ڪنهن شخص جو شاعر ٿيڻ ممڪن ئي نه هو. پانئبو هو، ته شاعر ڪو پهتل، ولي ۽ روحاني فيض سان مالا مال شخص ٿئي ٿو، جنهن جي رسائي آسمانن تائين آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اڄ تائين قديم زماني جي شاعرن جا ڪتاب مذهبي تقديس



۽ احترام سان ڏٺا وڃن ٿا. روميءَ جي مثنوي ”پهلويءَ جو قرآن“ قرار ڏني وئي، ته شاهه جو رسالو ”سنڌيءَ جو قرآن“ سڏجڻ ۾ آيو. حافظ جي ديوان مان ڦارون / ڦالون نڪرنديون رهيون. ”رامايڻ“ مقدس ڪتاب جو درجو اختيار ڪري ويو، ته بابا فريد، گرونانڪ، سورداس، تلسيداس ۽ ميران جي شاعري مذهبي عقيدي جي مقام کي ڇُهڻ لڳي. شاعريءَ جي ڪتابن جي پيٽ مذهبي ڪتابن سان ڪرڻ جو اصل پسمنظر به اهو ئي آهي.

ٻئي طرف آسماني ڪتابن ۾ حضرت دائود عليه السلام جي ”زبور“ کي شاعري سڏيو ويو آهي. ”زبور“ جو ٻيو نالو ”دائود جا نغما“ آهي. ان ڪري مذهب ۽ شاعريءَ جو پاڻ ۾ تمام گهرو ۽ گهڻ رخو تعلق رهندو آيو آهي. شاعريءَ مذهبن جي فڪر، فلسفي ۽ نڪته نظر کي عام ۽ مقبول ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏنو، ته مذهب وري شاعريءَ جي درجي، تقديس ۽ احترام کي وڌائڻ ۽ ڪيس الهامي بڻائڻ ۾ بنيادي نوعيت جو ڪردار ادا ڪيو. بهرحال اهو هڪ طويل ۽ جدا موضوع آهي. هتي فقط اهو ڏسڻو ۽ جاچڻو آهي، ته مختلف سماجن ۾ شاعريءَ متعلق ڪهڙا تصور، نظريا ۽ ڏند ڪٿائون رواج هيٺ رهيون آهن.

سُمير (عراق) کان وٺي سنڌ، ابلا (شام) کان وٺي مصر، چين کان وٺي يونان ۽ روم کان وٺي حتي (ترڪي)، ڪنعان ۽ اسرائيل (فلسطين) تائين، انساني تهذيب جي سڀ کان قديم وسندين ۾ جتي جتي به ادب ۽ شاعريءَ جي تخليق جا ابتدائي نشان ملن ٿا، شاعريءَ متعلق به ڪونه ڪو عجيب، انوکو، دلچسپ ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ تصور ۽ نظريو ضرور رائج نظر آيو آهي.

انساني تاريخ جو سڀ کان اهم ماخذ ڏند ڪٿائون آهن، جن جي آڌار تي ئي تاريخ کان اڳ واري دور ۾ انسان جي عقيدن، نظرين، حالتن، رسم و رواج، وهمن وسوسن، زندگيءَ گذارڻ جي طور طريقن ۽ ذهني لاڙن جو پتو پوي ٿو. اهي ڏند ڪٿائون انساني عقل ۽ شعور، مذهب ۽ فلسفي، تهذيبي ارتقا ۽ فن توڙي سائنس جو دستاويزي رڪارڊ آهن. مختلف تهذيبن جو جائزو وٺڻ سان پتو پوي ٿو ته مختلف انساني صلاحيتن، هنرن ۽ سرگرمين وانگر شاعريءَ متعلق به مختلف تهذيبن ۽ انساني سماجن ۾ ڪيئي ڏند ڪٿائون رائج رهيون آهن، جيڪي نه فقط شاعريءَ جي قدامت ۽ انساني ارتقا ۾ ان جي همسفر هجڻ جي گواهي ڏين ٿيون بلڪ خود شاعريءَ متعلق بدلجندڙ نڪته نظر، تنقيدي روين ۽ انساني زندگيءَ ۾ ان جي اهميت جو به اندازو ٿئي ٿو.

دنيا جي قديم ترين تهذيبن ۾ عراق جي تهذيب کي خاص مقام حاصل آهي. جڏهن اجا زمانو شعور ۽ تخليق جي حوالي سان اونداهيءَ ۾ جي رهيو هو،

ان زماني ۾ بہ عراق جا شهر اُريدو، انوگ، اريم، نِبرو، لاگاش، ڪش، لارسہ، اڪاد، بابل، اَشر ۽ نينوا وغيره تهذيبي، علمي ۽ تخليقي حوالي سان حيرت انگيز حد تائين اڳتي وڌيل هئا. تاريخ کان اڳ واري دؤر ۾ بہ عراق ۾ سُميري، اڪادي، بابلي، اشور، ڪلداني، ڪسدي، حري ۽ ارامي نسلن جا ماڻهو علمي ۽ هنري سطح تي مثالي مقام کي پهتل هئا. انهن ئي ماڻهن اٽڪل ساڍا پنج هزار سال اڳ ۾ تصويري رسم الخط جو بنياد وڌو هو ۽ سندن شهرن جي اڏاوت، رهڻي ڪهڻي ۽ مذهبي ريتون رسمون ڪافي سڌريل هيون. ڇاڪاڻ تہ هن وقت تائين دنيا جي قديم ترين ادب جا آثار بہ عراق جي سمير ماڻهن وٽان ئي دستياب ٿيا آهن، جيڪي مختلف تختين تي تحرير ٿيل هئا، تنهن ڪري شاعريءَ متعلق قديم ۽ اوائلي تصورن جي ڳولا بہ انهن کان ئي شروع ڪرڻ مناسب رهندي.

اڪثر قديم عراقي نسلن جي ماڻهن وٽ بہ ديوين ۽ ديوتائن جا تصور رائج ٿيل ملن ٿا، جن منجهان ئي سندن مذهبي عقيدن توڙي مختلف علمن ۽ هنرن متعلق تصورن جو بہ پتو پوي ٿو. ”سُميرين وٽ ٽي عظيم ديوتا ۽ هڪ ديوي هئي. ٽن عظيم ترين ديوتائن تي مشتمل ان ’ٽمورتيءَ‘ ۾ اَنو، اَن لل ۽ اَن ڪي شامل هئا. تخليق جي وقت ڪائنات کي آسمان، زمين ۽ پاڻيءَ جي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو هو. ’انو‘ آسمان جو، ’ان لل‘ زمين جو ۽ ’اِن ڪي‘ پاڻيءَ جو ديوتا هو.... ان ڪي جي معنيٰ ”ڌرتيءَ جو بادشاهہ“ ٻڌائي وئي آهي. روايت موجب هو عقل ۽ دانش جو بہ ديوتا هو. انهن ديوتائن کان سواءِ سُميرين جي سڀ کان مقبول ديوي اَننا هئي. اها ئي اننا اَڪادين ۽ بابلين وٽ عشتار جي نالي سان مشهور هئي. اننا محبت، جنس ۽ جنگ جي ديوي هئي. هوءَ ”آسمانن جي شهزادي“ سڏي وئي ۽ اروڪ شهر لاءِ مهربان ديوي هئي. انساني نسل کي پلائيءَ ۽ خوشحاليءَ سان نوازيندڙ هئي...“(1)

سُميري تهذيب جي بنيادي عنصرن ۽ انهن جي قاعدن ۽ قانونن کي ”مِي“ سڏين ٿا، جيڪي عقل، دانش ۽ پاڻيءَ جي ديوتا ”ان ڪي“ وٽ هئا. هڪ منظوم سميري ڪهاڻيءَ ۾ انهن عنصرن جو تعداد هڪ سئو ڄاڻايل آهي،جيڪي بعد ۾ اننا ديوي ان ڪي ديوتا کان کسي، ان جي شهر اريدو کان، پنهنجي شهر اروڪ کڻي آئي. انهن هڪ سئو تهذيبي عنصرن ۾ آرٽ، موسيقي ۽ ماتمي گيت بہ شمار ڪيا ويا آهن. جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ قديم سُميري نسل جي ماڻهن جي ڏند ڪٿا موجب شاعري ۽ ان جا اصول پڻ ديوتائن جي هٿ وس هئا. جڏهن تہ ان ڳالهہ جو بہ اندازو ٿئي ٿو تہ دنيا جا اهي قديم ترين مذهبي ماڻهو شاعريءَ، موسيقيءَ ۽ آرٽ کي بہ تهذيب جي اهم عنصر جي حيثيت ڏيندا هئا.



هندو ازم جي مختلف ديوتائن ۾ ”اندرا“ کي خاص اهميت حاصل آهي. ”آريائن جي جنگجو گروهہ جي نڪتهٔ نظر موجب سڀ کان وڏو ديوتا ”اندرا“ ئي آهي. هي جنگ جو ديوتا بہ هو تہ موسمن جي ديوتا جا فرض بہ سرانجام ڏنائين پئي. ڪڏهن آريائي فوجن جو اڳواڻ ٿي داسن جا قلعا ٽوڙيندو ٿو نظر اچي تہ ڪڏهن برائيءَ جي ديوتا ۽ وڏيءَ بلا نما ”ورترا“ کي قتل ڪندي ٿو ڏسجي، جنهن مينهن کي روڪي ڇڏيو آهي. هن جي هٿ ۾ ڪنوڻ جو تير آهي، جنهن سان هي دشمنن کي تباهہ ٿو ڪري. وري هن کي خوش باش، ڪائڻ پيئڻ جو شوقين عياش قسم جو ديوتا بہ ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو شراب جي نشي ۾ ڏت پيپڪيون هڻندو نظر ٿو اچي. ان حالت ۾ شايد هي پنهنجي پوڄاريءَ جي نمائندگي ٿو ڪري، جنهن سوم رس جا پيالا پري پيتا آهن. آسماني رستن تي اندرا سان طوفاني روحن جي هڪ فوج بہ گڏ هوندي آهي، جنهن جا سپاهي رزميہ شعر ڳائيندا رهندا آهن.“(2)

ان مان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ قديم هندستاني تصور موجب شاعري هتي نہ فقط عام انسانن بلڪ ديوتائن کي بہ خوش ڪرڻ جو ذريعو رهي آهي ۽ ان تي ديوتائن جي محافظن ۽ خدمت گذارن جي دسترس جو تصور بہ موجود ملي ٿو. ٻئي طرف هندن جا اڪثر مذهبي ڪتاب، جن ۾ ويد، اپنشد، مهاڀارت، رامايڻ ۽ گيتا وغيره اچي وڃن ٿا، تن ۾ چڱو حصو شاعريءَ جو ئي آهيۓ اها شاعري مذهبي طور ايئن ئي تقديس ۽ احترام جي قابل آهي، جيئن مذهبي احڪام ۽ اصول.

هوڏانهن هندستاني قديم ادب ۾ تامل ادب کي بہ خاص اهميت حاصل آهي، جنهن جا ابتدائي اهڃاڻ مسيحي دور جي شروعاتي صدين ۾ ملن ٿا. ”تامل روايتن ۾ ٽن ادبي مجلسن (سنگم) جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي مدورائي ۾ منعقد ٿيون. پهرين مجلس جي شريڪ ڪارن ۾ ديوتا ۽ افسانوي ڏاها هئا. ان مجلس جا سمورا ڪارناما ميسارجي ويا آهن. جڏهن تہ ٻي مجلس جي باقيات ۾ فقط شروعاتي تامل ٻوليءَ جا قاعدا آهن. ٽئي پاسي ٽين مجلس (سنگم) جي شاعرن شاعريءَ جا اٺ مجموعا ترتيب ڏنا. اهي مجموعا قديم تامل ادب جو عظيم يادگار آهن... شاعريءَ جا اٺ مجموعا شاعراڻي ادب جو ضخيم ۽ طويل مجموعو آهن. ان ۾ ٻہ هزار کان وڌيڪ نظم آهن، جيڪي ٻہ سئو کان وڌيڪ شاعرن سان منسوب آهن.“(2)

قديم تهذيبن ۽ خاص طور ادبي ۽ شعري روايتن توڙي شاعريءَ متعلق فلسفيانہ ۽ منطقي بحث مباحثن جي ڏس ۾ يونان کي بنيادي حيثيت حاصل آهي.

يوناني پنهنجن شاعرن کي رهبر ۽ استاد جو درجو ڏيندا هئا ۽ سندن شاعريءَ خاص طور رزميه نظمن ۽ قصن کي مقدس ڪري ڄاڻندا هئا. ان ڪري شاعريءَ منجهان مذهبي ۽ اخلاقي اصول جڙڻ لڳا، تڏهن ان خلاف پهريون آواز افلاطون اٿاريو ۽ هن پنهنجن ڪتابن ”رعيتي راڄ“ ۽ ”قانون“ ۾ بين معاملن سان گڏ شاعريءَ جي حيثيت ۽ ڪارج کي به بحث هيٺ آندو، جنهن جو جواب سندس شاگرد ارسطو پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”پوئٽڪس“۾ ڏنو، جنهن کي ڪلاسيڪل شعري تنقيد ۾ آسماني ڪتاب جو درجو حاصل آهي. ارسطو کان اڳ ۾ يونان ۾ شاعري فن جي ديويءَ (Muse) جي ديا ۽ مهر جو نتيجو تصور ڪئي پئي وئي. ارسطو کان اڳ شاعريءَ ۽ اڃا به شاعرن متعلق افلاطون جا تڪراري نظريا گهڻو مقبول هئا، جنهن شاعرن کي ”معلم“ ۽ شاعريءَ کي ”علم ۽ سچائيءَ“ جو ذريعو تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، ڇاڪاڻ ته هن به سمجهيو پئي ته شاعري الهامي قوتن جي دين آهي، تنهن ڪري شاعر جو ان ۾ ڪو به شعوري عمل دخل نه آهي ۽ ”هو لاشعوري طور تي اهو ڪجهه ئي چوي ٿو، جيڪو ڪائنس شاعريءَ جي ديوي چورائي ٿي. ان ڪري شاعري ان علم جي حامل نٿي ٿي سگهي، جنهن جو بنياد عقل تي هوندو آهي. شاعر جذبات هٿان استعمال ٿيندا آهن، تنهن ڪري منجهن اخلاقي نظم و ضبط جي ڪمي ٿيندي آهي ۽ ان سبب ئي اهي سنجيده انسانن جي رهبري نٿا ڪري سگهن.“(3) پنجين صدي قبل مسيح کان به اڳ يوناني شاعر هومر جي شاعريءَ ۾ شعر جي اهميت، ڪارج ۽ تخليقي عمل جي ڏس ۾ ڪي اشارا ملن ٿا. انهن اشارن جي آڌار تي هن جي شعري تصور ۽ ان دور جي يونان وٽ شاعريءَ جي ديومالائي حيثيت جو ڪجهه اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

”1. شاعر ۽ مغني (ڳائڻو) شاعريءَ جي ديويءَ جا ٻالڪا ٿيندا آهن. اها ڪائنس بصارت ڪسي ونندي آهي، پر ڪين سريلا گيت بخشيندي آهي.
2. مغني کي گيتن جو اتساهه ديوتائن وٽان حاصل ٿيندو آهي، تنهن ڪري اها صلاحيت الهامي ٿيندي آهي.
3. ڳائڻو / شاعر پنهنجن نغمن وسيلي ماڻهن کي مسرت بخشيندو آهي.
4. ڳائڻي / شاعر جي ڪهاڻيءَ (بيان ڪيل ڳالهه) ۾ صداقت هوندي آهي ۽ اها ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اها الهامي ٿيندي آهي.“(4)

جاپاني شاعرن ۽ نقادن وٽ به شعر جو تصور اهو ئي آهي، جيڪو باقي دنيا جي اڪثر قديم تهذيبن جي شاعرن وٽ موجود ڏسجي ٿو. البته هو ان حوالي سان ڪجهه وڌيڪ منفرد آهن، ته ”شعر ديوتائن کي به متاثر ٿو ڪري.“ شيخ اياز



پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ“ ۾ جاپاني شعر جي قديم نقاد ڪنو زورايوڪيءَ(905ع) جو هينئيون رايو نقل ڪيو آهي، جنهن منجهان جاپانين وٽ شاعريءَ جي اوائلي تصور توڙي ان جي سگهه بابت سوچ جو اندازو ٿئي ٿو. زورايوڪيءَ موجب ”شعر اهو آهي، جو زمين ۽ آسمان کي جنبش ۾ آڻي، اڻ-لک دئيتن ۽ ديوتائن ۾ ديا پيدا ڪري، جو مرد ۽ عورت جي رشتي کي زياده خوشگوار بنائي، ۽ جو جنگجو جوانن جي حوصله افزائي ڪري.“

شاعريءَ جي قوت ۽ فن جي حوالي سان عربن وٽ وري بلڪل منفرد تصور رائج رهيو آهي. هتي ان تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت نه آهي ته جاهلي دؤر کان وٺي عربن وٽ شاعريءَ جو فن ڪهڙي اوج ۽ ڪمال کي پهتل هو، ڏسڻو فقط اهو آهي ته عربن وٽ شعر جي فن بابت ڪهڙو تصور قائم هو. جاهلي دور جي اڪثر وڏن شاعرن جهڙوڪ امرءُ القيس، النابغه الذبياني، زهير بن ابي سلميٰ توڙي الاعشيٰ بابت اها ڳالهه مشهور هئي ته انهن مان هر هڪ شاعر سان هڪ جِن ٻڌل آهي، ”جيڪو ئي قصيدن جا مضمون يا موضوع ان جي دل ۾ ٿو وجهي يا پاڻ ئي شعر لکي، ان جي نالي سان منسوب ڪري ٿو ڇڏي. شاعرن جي هٿ وس اهڙن جِنن جا قصا تمام گهڻا مشهور آهن... ”الاغاني“ (عربي تذڪرن ۾ هڪ مشهور ڪتاب) وغيره ۾ جهالت واري دور جي شاعرن جي جِنن جي نالن توڙي ڪمن جا تفصيل به درج آهن. احمد بن الامين الشنقيطي پڻ ڪجهه شاعرن جي جِنن جو ذڪر ”المعلقات العشر“ جي شرح ۾ ڪيو آهي، جيڪو نهايت دلچسپ آهي.“(5)

تذڪرن ۾ امرءُالقيس سان ٻڌل جِن جو نالو ”لافظ بن لاحظ“ ۽ نابغه الذبيانيءَ سان ٻڌل جِن جو نالو ”هاذر“ ڄاڻايو ويو آهي. روايت موجب ”هاذر“ سان تعلق ۾ ايندي ئي نابغه کي شاعريءَ تي هڪدم ملڪو حاصل ٿي ويو هو.

مطلب ته مختلف سماجن ۾ شاعريءَ جي تخليق توڙي شاعرن جي رسائيءَ ۽ درجي متعلق هڪ ئي وقت ڪيترا ئي عقل کان مٿانهان ۽ ديومالائي تصور رائج هئا. قديم زمانن ۾ ته نهيو، پر جديد کان جديد دؤر ۾ به سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت انهن تصورن ۽ خيالن جون حڪومتون قائم آهن. جڏهن ته خود شاعرن پڻ شاعريءَ متعلق اهڙا ماورائي خيال ۽ ويچار عام ڪيا آهن، جنهن سبب انهن تصورن کي عام ٿيڻ ۾ اڃا وڌيڪ هٿي ملي آهي. مثال طور اردوءَ جي ڪلاسيڪل شاعر غالب چيو ته:

آتي هين غيب سي يه مضامين خيال مين
غالب، صريرِ خامه نواءِ سروش هي.

(مون وٽ هي خيال ڪنهن غيب منجهان ٿا اچن. اي غالب، ڪاغذ تي قلم جي ڦَط جي رهڙ، جبرئيل جي آواز وانگر آهي.)

هي خيال شاعريءَ جي الهامي هجڻ واري تصور جي ترجماني ڪري ٿو، جيڪو اڪثر فارسي، اردو ۽ سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل دورن ۾ رائج رهيو آهي. ”الهام“ لفظ جي معنيٰ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري هڪ جلدي سنڌي لغت ۾ ”اندر جو خدائي آواز“ ۽ ”القاءُ“ ڄاڻايل آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر محمد عبداللطيف جي فرهنگ فارسيءَ ۾”خدا طرفان دل ۾ ڪنهن ڳالهه جو اچڻ“ ۽ ”دل ۾ نيڪ خيال وجهڻ“ ٻڌائي وئي آهي. ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل پنهنجي ڪتاب ”سنڌي شاعري ۽ علم عروض“ (2001ع) ۾ لکي ٿو ته ”جنهن لفظ کي صحيح معنيٰ ۾ شعر جو مترادف ۽ هم معنيٰ چئي سگهجي ٿو، اهو لفظ ”الهام“ آهي....“ هو الهام جي مختصر وصف ڏيندي ڄاڻائي ٿو ته، ”جا به شيءَ انسان جي دل ۽ دماغ تي بنا ڪنهن ڳولا ۽ ڪوشش جي ظاهر ٿي پوي، سو آهي الهام“.

سنڌيءَ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ هڪ هنڌ ”ڏات“ کي صلاحيت ڄاڻايو آهي ۽ چيو آهي ته ”ڏات نه آهي ذات تي، جو وهي، سو لهي.“ پر ٻئي هنڌ ڪنهن ”ڏاتار“ جي هجڻ جي به ڳالهه ڪري ٿو، جنهن سان ٻيهر هو شعر جي ”الهامي هجڻ“ واري تصور جي پرجهلائي ٿو ڪري:

تون سپڙ، آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آءٌ ڏڌ،
سڀ تنهنجو سڌ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

سنڌي شاعريءَ جي آخري روايتي دور ۽ جديد شاعريءَ جي ابتدا وارن ڏينهن ۾ مرزا قليچ بيگ به هن قسم جا شعر پئي لکيا:

شاعري پيغمبريءَ جي آهي ديباچي مثال،
وحي هن ۾ ٿو اچي، هن ۾ اچي الهام ٿو.

قليچ بيگ قديم صوفي ۽ بزرگ شاعرن بابت لکي ٿو ته”انهن سچن شاعرن جا ڪي ڪلام اهڙا عجيب آهن، جو سواءِ الهامي دماغي مدد جي، ڪنهن جي خيال ۾ اچڻ جا ناهن... اهڙو الهام آڻڻ وارو وهڪرو، ”روحاني موڪل“ ملائڪ ڪي آهي، جنهن کي عربيءَ ۾ ”ملهم“ يا ”هاتف“ چوندا آهن ۽ فارسيءَ ۾ ”سروش“. اهڙا گهڻا ڪلام ته انهن کي سُتي، خواب ۾ (ڪن جو اعتقاد آهي) ۽ جاڳندي رُويا ۾، پيدا ٿيندا آهن. ڪڏهن شاعر کي، ڪنهن خاص شعر جي ناهڻ جي انتظار ۾، ننڊ ڪٽي ويئي هوندي، رات جو سُتي ئي اکين پوريل حالت ۾، هنڌ مان اٿي، مس قلم ڪڍي، ڪاغذ تي سڄو شعر لکي، وري وڃي سمهي رهيو هوندو، ۽ صبح جو تيار ٿيل شعر ڏٺو هوندائين ۽ حيران ٿيو هوندو، ته الاجي



هيءُ ڪنهن لکيو! شعر جي غيبي يا الهامي هجڻ جي ٻي وڏيڪ ڪهڙي ثابتي آهي؟“(6)

قليچ صاحب هتي ان ڳالهه جي وضاحت نه ڪئي آهي ته جيڪڏهن واقعي شعر الهامي ۽ غيبي آهي، جنهن جو شاعر جي پنهنجيءَ قابليت ۽ صلاحيت سان ڪو تعلق ڪونهي، ته پوءِ ان جو انتظار ڪرڻ جي ڇا معنيٰ؟ ڇا وحي يا الهام ماڻهوءَ جي ذاتي ڪوشش، خواهش ۽ انتظار سان به نازل ٿي سگهن ٿا؟

جديد سنڌي شاعر شيخ اياز، جنهن ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ“ (1963ع) ۾ لکيو هو ته”فن پنهنجي حيرت انگيز تخليقات جي باوجود انسان جي ڪوشش کان بعيد نه آهي، ۽ انسان کي فني تخليقات لاءِ ٻيءَ ڪنهن به امداد جي ضرورت نه آهي“- تنهن به بعد ۾ شاعريءَ جي تخليق کي الهامي سڏيو هو. پنهنجي هڪ پوئين ڪتاب ”ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون“ ۾ هو لکي ٿو ”ڪي شاعر دعويٰ ڪندا آهن ته هنن الهام وانگر ڪو ئي آواز ٻڌو آهي. اڳلوڪا (اڳوڻا) شاعر ان کي ”هاتف“ چوندا هئا. مون به ايئن محسوس ڪيو آهي ته منهنجي بدران ٻيو ڪو ئي لکي رهيو آهي، رڳو قلم منهنجي هٿ ۾ آهي، پر هلي خودبخود رهيو آهي... دراصل روميءَ صحيح چيو آهي ته ”شاعري جُزويست از پيغمبري“. ان کي الهامي ڪيفيت ۽ اُلوهي اسرار آهي. ايترو ئي اسرار، جيترو ٽر جي ڪنهن گل ۾ هوندو آهي، جو مند تي پاڻ ڦٽي پوندو آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته سٺي شاعري ٻارهوئي شگفته هوندي آهي، گل مند تي ڦٽندو آهي. ڪنهن چيو آهي، ”اها اڻ ڄاتل جي بي انتها اونهائي آهي، جنهن کي مذهبي ماڻهو خدا چون ٿا، جا شاعريءَ کي اونهائي ڏئي ٿي.“(7)

اياز وانگر جديد انگريز شاعر يِيٽس به پنهنجي ڪجهه شاعري اکين کان اوجهل ماورائي قوتن جي دين قرار ڏني هئي. شاعريءَ بابت اهڙا تصور جديد کان جديد شاعرن وٽ به ملن ٿا. هڪ فرينچ شاعر پال وئليري ڪنهن هنڌ چيو آهي، ته ”هڪ سٽ خدا يا قدرت شاعر کي عطا ڪري ٿي، باقي سٽون هن کي پاڻ ڳولي لهڻيون آهن.“ هيءَ راءِ ڏيندڙ شعر جي تخليق کي اڌ الهامي ۽ اڌ انسان جي تخليقي پورهيي جو نتيجو تصور ڪري ٿو. شاعرن ۽ نقادن جو هڪڙو وڏو گروهه اهڙو ئي آهي، جنهن جو خيال آهي ته ”هر ڪو شخص شاعر ٿي نٿو سگهي.“ (اها هڪ مجيل حقيقت آهي ته دنيا جي ٻين شخصن جي مقابلي ۾ شاعر کي قدرت ڪي اهڙيون خاصيتون عطا ڪيون آهن، جن جي ڪري ان جو وجود عام انسانن کان ممتاز نظر اچي ٿو- (ڊاڪٽر ابراهيم خليل(8)) شاعريءَ جو سرچشمو ”گهرو شعور“ آهي. ان لاءِ شاعر جو پيدائشي شاعر هجڻ ضروري آهي،

جنهن کي اسين ”ڏات“ چئون ٿا ۽ جا خدا طرفان وديعت ٿئي ٿي. (ڊاڪٽر سحر امداد(9)) ان گروهہ جا ليکڪ شعري تخليق کي ”ڏات ۽ ڏانءَ“ (ٻيءَ معنيٰ ۾ الهام، ادراڪ ۽ فني سکيا) جو گڏيل نتيجو قرار ڏين ٿا ۽ سندن خيال آهي تہ شاعر باقي ماڻهن جي ڀيٽ ۾ ڪا ”خاص هستي“ ٿيندو آهي.

دراصل شعر لکڻ جي اها خاص حالت، جنهن کي فنڪار تخليقي ڪيفيت سڏين ٿا، تنهن کي جديد نفسيات توڙي فلسفو بہ بحث هيٺ آڻيندا رهيا آهن، پر ان جي باوجود ان ڪيفيت جي پراسراريت ختم ٿيندي نظر ئي نٿي اچي ۽ اجا تائين سڄيءَ دنيا جا جديد ترين نقاد ۽ شاعر بہ ٻن گروهن ۾ ورهايل ملندا، جن مان هڪڙا شاعريءَ کي ”الهام“ يا ڪنهن ”مافوق الفطرت قوت جي دين“ سمجهن ٿا ۽ ٻيا ان کي شاعر جي پنهنجيءَ قابليت، صلاحيت ۽ پورهيي جو حتمي نتيجو. ٽين وري ماڳهين وچ وارو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ شعري تخليق کي ڪنهن غيبي قوت جي مهر ۽ ماڻهوءَ جي پنهنجيءَ محنت جو گڏيل ثمر قرار ڏين ٿا.

نڪتئہ نظر ۽ شين کي پرکڻ ۽ سمجهڻ جو اختلاف مذهب کان وٺي سائنس، فلسفي کان وٺي آرٽ، هر هڪ شعبي ۾ هميشہ کان موجود رهيو آهي. آرٽ جوتہ حسن ئي اختلاف ۾ آهي (گل هائي رنگ رنگ سي هي زينتِ چمن، اي ذوق اس جهان کو هَي زيب اختلاف سي- شيخ ابراهيم ذوق) هن موقعي تي سوچڻ جو سوال فقط اهو آهي تہ جنهن انسان پنهنجي عقل، شعور ۽ تخليقي قوتن آڏار قدرت جي جوڙيل هن جهان کي مڪمل طور تبديل ڪري، هڪ ”نئون جهان“ ٺاهڻ جهڙو غير معمولي ڪم سرانجام ڏنو آهي، ڇا ان جي ذهني، جذباتي ۽ تخليقي قوتن تي ايترو اعتبار بہ نٿو ڪري سگهجي تہ هو جيڪو لفظن ۾ روح ڦوڪڻ، سندرتا پريا، دلفريب ۽ زندگيءَ سان ڀرپور تصور تخليق ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏئي رهيو آهي، اهو ڪارنامو هن جو پنهنجو ئي آهي!.



## حوالا


(1) ابن حنيف، دنيا ڪا قديم ترين ادب، 19...، ص: 49-50

(2) اي ايل باشم، هندستاني تهذيب جي ڪٿا، ترجمو: همسفر گاڏهي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2004ع، ص: 525

(3) رضوي سجاد باقر، ڊاڪٽر، مغرب ڪي تنقيدي اصول، مقتدره قومي زبان اسلام آباد، 1994ع، ص: 16

(4) رضوي سجاد باقر، ڊاڪٽر مغرب ڪي تنقيدي اصول، مقتدره قومي زبان اسلام آباد، 1994ع، ص: 12

(5) ندوي عبدالحليم، ڊاڪٽر، عربي ادب ڪي تاريخ (جلد پهريون-ٽيون ايڊيشن) ترقي اردو بيورو نئي دهلي، 1989ع، ص: 182-183

(6) مرزا قليچ بيگ، تقريرون ۽ تحريرون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1970ع، ص: 171-172

(7) شيخ اياز، ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون، دانيال ڪراچي، 1993ع، ص: 33-31

(8) شيخ محمد ابراهيم خليل، ڊاڪٽر، سنڌي شاعري ۽ علم عروض، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2001ع، ص: 23

(9) سحر امداد، ڊاڪٽر، شعور شاعر شاعري، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2008ع، ص: 32